ليمن

لڳائڻ جي ٽيڪنالاجي



ڊائريڪٽوريٽ زرعي اطلاعات

زرعي توسيعي کاتو سنڌ حيدرآباد

2005ع

ALLIED PRINTING CORPORATION Ph: 022-2787348

Improved Lemon Production Technology





DIRECTORATE OF AGRICULTURE INFORMATION
AGRICULTURE EXTENSION SINDH
Block - F, Shahbaz Building, Hyderabad.
Ph: 022 - 9200108

Year of Publishing, 2005

ليمن لڳائڻ جي ٽيڪنالاجي

ٻوٽن جي دنيا ۾ کٽن ميون واري ڪٽنب جي جينس (Genus) سٽرس (Citrus) سان تعلق رکندڙ ٻوٽن مان رسدار ميوو ملي ٿو جنهن ۾ نارنگي، مالٽي گريپ فروٽ، پينس، ليمون ۽ ڪاغذي ليمان وغيره اچي وڃن، جن کي سنڌي ۾ "کٽن ميون" جو گڏيل نالو ڏنو ويو آهي.

کٽا ميوا پنهنجي غذائي ۽ طبي خاصيتن جي ڪري تمام گهڻو مقبول آهن. هنن ۾ وٽامن سي هجڻ ڪري، جن ماڻهن جي مرهين مان رت وهي ٿو ڏند ڪمزور ٿين ٿا، سنڌن ۾ سور هجي ٿو سي هي ميوو واپرائين ته وٽامن جي کوٽ پوري ٿيڻ ڪري ڇاڪ چڱا ڀلا ٿي ويندا. ان کان سواءِ بلڊپريشر ۽ ٿولهه کي گهٽائڻ لاءِ پڻ هي ميوا مفيد ثابت ٿيا آهن. هن ميوي ۾ وٽامن اي، بي ۽ سي کان سواءِ چُن، فولاد ۽ فاسفورس پڻ موجود آهي. ڇين ميون جي پيٽ ۾ کٽن ميون منجهان وڏيڪ مصنوعات تيار ڪيون وڃن ٿيون. جهڙوڪ جوس، اسڪوائش، جيم، جيلي، مارمليڊ، آچار ڪينڊيز، ليمي جو ست، خوشبودار تيل ۽ پيڪٽن وغيره ان کان سواءِ هن ميوي جون کلون مال جي چاري لاءِ پڻ استعمال ڪيون وڃن ٿيون. کٽي ميوي جو رس (خاص ڪري ليمي جي رس) سلاد طور گوشت ۽ مڇي جي پلاءَ ۾ ۽ پاچين مٺان رس وجهي کائڻ لاءِ استعمال ٿئي ٿو. هي ميوا ڪافي عرصي تائين رکي به سگهجن ٿا.

آبهوا

دنيا ۾ گرم ۽ وچولي گرم آبهوائي علائقن ۾ کٽا ميوا پوکيا وڃن ٿا. جڏهن ته سٺي خاصيت ۽ وڌيڪ پيداوار وچولي گرم آبهوائي علائقن مان ملي ٿي. ليمن/کٽن ميون جي پوک سمنڊ جي سطح کان اڍائي هزار فوٽن جي اوچائي تائين ٿي سگهي ٿي. ان کان مٿي جيئن ته سردي وڌيڪ ٿئي ٿي، جنهن ڪري انهن جي پوک نٿي ڪري سگهجي. هن جي پوک لاءِ 26.6 سينٽي گريڊ کان 27.7 سينٽي گريڊ تائين گرمي جو درجو وڌيڪ موزون آهي. سياري ۾ گرمي جو درجو برف ڄمڻ تائين پهچي ۽ اها حالت ڪافي دير تائين رهي ته اهو ٻوٽن لاءِ

نقصانڪار ثابت ٿئي ٿو. جو ته سردي جي ڪري ميوو جسامت ۾ ننڍو، کل نرم ۽ سنهي هئڻ ڪري، ڪٽاڻ ۽ مناڻ ۾ گهٽ وڌائي ٿيو وڃي. جڏهن ته گرمي ۾ وڏي گرم خشڪ هوائون لڳڻ ڪري، وڻ ۾ لڳل ننڍڙي ميوي کي گهڻو نقصان پهچي ٿو جنهن ڪري ميوو ڇڻيو وڃي. تيز هوائن لڳڻ ڪري ڏاريون ٽٽيو پون ۽ ٻوٽن کي 20 کان 25 سيڪڙو نقصان ٿئي ٿو. عام طرح سان ڏٺو ويو آهي ته 43.3 سينٽي گريڊ گرمي درجي کان وڌڻ تي ٻوٽن ۽ ميون جي واڌ رڪجيو وڃي ۽ ميوي تي ساڙ واري بيماري (Sun Burn Disease) لڳيو وڃي.

زمين:

ليمان ۽ ٻوڙي ڀيا کٽا ميوا مختلف قسمن جي زمين تي پوکيا وڃن ٿا. پر اهڙي لٽياسي زمين، جنهن ۾ نورو مقدار ڇن جو هجي ۽ سنڌس ڪاريد (pH) 5.5 تائين هجي. اها زمين وڌيڪ پيداوار حاصل ڪرڻ لاءِ سڀ کان بهتر ۽ موزون سمجهي وڃي ٿي. پٿريلي ۽ ڪلراٺي زمين هن ميوي لاءِ مناسب ناهي. هن لاءِ اها زمين، جنهن ۾ هوا جي سٺي اچ وڃ هجي ۽ منجهس پاڻي جذب ڪرڻ جي صلاحيت وڌيڪ هجي سا سٺي رهي ٿي. باغ لڳائڻ کان پهرين گهٽ ۾ گهٽ ڇهه کان اٺ فوٽ جي اونهائي تائين، زمين جي هيٺئين تهه ۾ ڪنڪريون، ريتي يا چيڪي مٽي نه هجي ته وڌيڪ موزون هوندي. زمين جو دارومدار روٽ اسٽاڪ تي پڻ آهي. جنهن تي ٻوٽا پيوند ڪجن ٿا. مثلاً جتي کٽي جو روٽ اسٽاڪ ڪنڪريلي، واريالي ۽ چيڪي زمين کي پسند ڪري ٿو. کٽو ميوو گرين ۽ پوسل وارين زمينن ۾ به ڪامياب آهي. هن جي پوک لاءِ سڀ کان وڌيڪ نامناسب اها زمين آهي، جنهن مان هوا ۽ پاڻي جو نيڪال نه ٿي سگهي. ان کان سواءِ اها زمين، جنهن ۾ هيٺئين پاڻي (Water Table) جي سطح هيٺ مٿي ٿيندي رهي سا نهايت ئي نقصان واري آهي.

پيوندڪاري لاءِ ضروري صلاحون:-

1. اک يا چشمو يا پيوندي ڪاٺي کي روٽ سٽاڪ تي صحيح نموني سان پچائي ٻڌجي.
2. روٽ اسٽاڪ ۽ پيوندي ڪاٺي هڪ ئي ٿولهه جي برابر چونڊجن.
3. روٽ اسٽاڪ ۽ سائن بيماري کان پاڪ چونڊجن.

4. پيوندي ٽاري هلندڙ سال جي اڀهي؛ پڪي ٽاري مان حاصل ڪجي جيڪا چار پنج مهينا پراڻي ته هجي، پر ان ۾ اڃا ڦوٽهڙو شروع نه ٿيو هجي.
5. پيوندي ڪاٺي جي چونڊ لاءِ ضروري آهي ته هڪ نسلي باغ هجي. جنس جي هر ٻوٽي جو نسل ۽ پيداوار وڻ جي قسم مطابق اعليٰ قسم جا هجن ۽ وڌيڪ پيداوار ملي. انهن مان به جيڪي صحتمند ۽ توانا هجن تن تي خاص نشان لڳايو وڃي ۽ وقت اچڻ تي ان مان پيوندي ڪاٺي حاصل ڪجي.

اک يا چشمو لڳائڻ:

کٽن ميون ۾ اک يا چشمي وسيلي پيوند ڪاري ڪجي ٿي. ان لاءِ روٽ اسٽاڪ واري ٻوٽي جي ٿڙ تي زمين کان ڇهه انچ مٿي، ڏيڍ کان به انچ اپو چيبن پيوندي چاقو جي مدد سان ڏجي. ان کان پوءِ ان چير جي مٿئين چيري تي پيو چيبن ان کان مٿو انچ جو ڏجي. جيڪو زمين جي متوازي هجي. کل کي چاقو جي مدد سان اندرئين پاسي کان، اک جي ويگهه برابر کولجي. ان کان پوءِ پيوندي ڪاٺي مان، هڪ کان ڏيڍ انچ ڊگهي کل (چوڙي) لاٿي وڃي جنهن جي وچ ۾ اک موجود هجي. اها ڳالهه ياد رکڻ گهرجي ته جيڪڏهن اک سان گڏ ڪنڊو لڳل هجي ته پوءِ اک جي هيٺان ڪاٺي نه لاٿي وڃي. چو ته ائين ڪرڻ سان اک زخمي ٿي پوندي. هي صورت ۾ ڪاٺي لاٿي وڃي. اک واري کل کي ٻنهي چيرن کان سنهو ڪيو وڃي ته جيئن اها چير ۾ آندي سولائي سان وڃي سگهي. هاڻ اک کي ٽي (T) نما چير ۾، مٿئين کان هيٺئين پاسي داخل ڪري دٻائجي. پر خيال رهي ته جيئن اک جي کل، ٻوٽي جي کل سان گڏ ڪپي وڃي ۽ پوءِ اک کي پلاسٽڪ جي پٽي سان، ڪابو ڪري ٻڌجي. پر اهو خيال رکجي ته جيئن اک مٿان کان سائي آهي. ته پوءِ اهو ڪامياب آهي. نه ته پوءِ ٻي اک لڳائجي. جڏهن اک جي واڌ ڇهه انچ ٿي وڃي ته ٻوٽي جي روٽ اسٽاڪ جو مٿيون حصو چشمي کان ٽي انچ مٿي ڪپي ڇڏجي ۽ روٽ اسٽاڪ تان پٽي ڦوٽهڙي کي وڌڻ ويجهڻ نه ڏجي. جيڪڏهن پاڻي ۽ گڏ وغيره جو خيال رکيو وڃي ته ٻوٽو هڪ سال اندر باغ ۾ لڳائڻ جي قابل ٿي ويندو.

قلم وسيلي ٻوٽا تيار ڪرڻ:

کٽن ميون ۾ قلم وسيلي تمام گهٽ نسلي واڌ

وڃجهه ڪجي ٿي. صرف مٺي نارنگي ۽ ليمي جي نسلي واڌ ويجهه هن طريقي سان ڪئي وڃي ٿي. اهي قلم بهار جي مند ۾ لڳايا وڃن ٿا. قلم هڪ سال عمر واري ٽاري مان ڪپيا وڃن. جيڪي بيماري کان پاڪ هجن. قلم، ٽڪ انچن کان ٻارنهن انچ ڊگها هجن. قلم تيار ڪرڻ ۾ اهو احتياط ڪرڻ گهرجي ته هيٺيون ڇيد گول ۽ اک جي بلڪل ويجهو هجي. مٿيون ڇيد اک کان هڪ يا ڏيڍ انچ مٿي ۽ اک جي ابتڙ رخ ۾ ڏنگو ڪيل هجي. هڪ قلم تي گهٽ ۾ گهٽ ٽي اکيون ضرور هئڻ گهرجن. اهي قلم، زمين ۾ لوهه جي سوئي سان سوراخ ڪري يا رنبي جي مدد سان هڻيا وڃن. انهن قلمن کي زور سان نه ٺپيو وڃي، پر اهڙيءَ طرح سان لڳايا وڃن ته جيئن هن جا ٻه حصا زمين ۾، هڪ حصو هوا ۾ ۽ مٿيون ڇيد جو رخ اتر ۽ اوڀر ۾ هئڻ گهرجي. ۽ هن تي سج جي روشني سنئين سڌي نه پهچي سگهجي نه ته قلم خشڪ ٿي ويندا. قلمن تي زمين ۾ اهڙي نموني سان لڳائجي ته جيئن قطار جو قطار کان فاصلو ڏيڍ فوٽ ۽ قلم جو قلم کان فاصلو نو انچ ٻيهي. قلم لڳائڻ کان پوءِ هن جي پاسن واري مٽي کي چڱيءَ طرح ويهاريو وڃي، ته جيئن سڀ هوا اندران خارج ٿي وڃي. تنهن کان پوءِ هڪدم قلم کي پاڻي ڏيڻ گهرجي. هڪ مهيني کان پوءِ قلم ڦٽڻ شروع ڪندا. جيستائين ٽانئين قلم ڦٽي نه وڃن، تيستائين زمين ۾ گڏ ۽ صفائي وغيره نه ڪرڻ گهرجي. پوءِ ته اٿين ڪرڻ سان قلم لڏيو وڃن ۽ پاڙون ٽٽيون لڳن. پاڻي گهرج آهر ڏيو رهجي. جيڪي قلم ڦٽيو وڃن، ان مان تيار ٿيل ٻوٽا هڪ سال کان پوءِ باغ ۾ لڳائڻ جي قابل ٿيو وڃن. انهيءَ طريقي سان 70 سيڪڙو ڪاميابي ٿئي ٿي.

داب يا اوڏ وسيلي ٻوٽا تيار ڪرڻ:

هن طريقي سان ڪاغذي ليمون تيار ڪيو وڃي ٿو. هڪ سال عمر واري ٽاري آڱر جي ٿولهه برابر چونڊجي. جنهن جي مٿان اڌ انچ ويڪري، ڇلي نما کل لاٿي وڃي يا ٽاري جي اڌ ٿولهه جي برابر ڏنگ ڏجي ۽ پوءِ ٽاري جي ان زخميل حصي کي آلي زمين ۾ نوڙائي پورجي. ٽاري جي ٻنهي پاسن کان ٻسانگيون لڳايون وڃن. ته جيئن اها ٽاري مٿي نه کڄي. زمين ۾ پورسل ٻڌيتي رکي ڇڏجي. ٻن اڍائي مهينن کان پوءِ، ان ٽاري مان پاڙون نڪرڻ شروع ٿي ڪن ٿيون. پنجن ڇهن مهينن کان پوءِ، ان ٽاري کي وڻ واري پاسي کان وڍ ڏجن. ٻهريون وڍ 1/3 حصي جيتري

پيو 1/2 ۽ ٽئين وڍ سان ٻوٽو جدا ڪجي. اهي وڍ ان کان ڏهن ڏينهن جي وقفي سان ڏجن ۽ پوءِ ان کي چڪيءَ جي صورت ۾. گهرج آهر ڪم ۾ آڻجن. اهو عمل ٻنهي موسمن ۾ يعني بهار ۽ سانوڻ ۾ ڪجي. جيڪي ٽاريون زمين ٽائين ٽٽيون پهچن. انهن تي ڪونڊين ۾، پر ساڳئي نموني لڳائجي.

جنسون:

يوريڪا (Eureka)، ڪرنا (Karna)، فلوريڊارف (Florida Rough)، وِلا فرانڪا (Villa Franca)، بلادي (Beladi)، سور (Sour)، نينا (Neena)، جبلور (Jiblore)، پنجاب ڪٽي (Punjab Khatti)، جالندري ڪٽي (Jallanderi Khatti)، رائونڊ سيڊليس (Round Seedless) ۽ مالٽا (Malta) وغيره جنهن مان يوريڪا سفارش ڪيل آهي.

باغ لڳائڻ جو وقت:

باغ سال ۾ ٻه دفعا لڳائبو آهي. هڪ بهار جي موسم يعني فيبروري- مارچ ۽ ٻيو سانوڻ واري موسم يعني جولاءِ- آگسٽ وارن مهينن ۾. اهي ٻئي موسمون ٻوٽن جي ٻوڪ لاءِ بهتر آهن.

ٻوٽن جو فاصلو:

ٻوٽا ٻن طريقن سان لڳايا وڃن ٿا. هڪ چوڪرس ۽ ٻيو ڇهه ڪنڊو طريقو. عام طرح سان ٻوٽا چوڪرس طريقي سان لڳايا وڃن ٿا. ڇو ته هي طريقو ٻين طريقن کان سولو آهي. جنهن ۾ ٻوٽي جو ٻوٽي کان ۽ قطار جو قطار کان فاصلو هڪجهڙو ٿئي ٿو. هن طريقي سان 25x25 فوٽن جي فاصلي تي ٻوٽا لڳائجن ٿا. جنهن ڪري هڪ ايڪڙ ۾ 69 ٻوٽا لڳيو وڃن. جڏهن ته ڇهه ڪنڊو طريقو ڪنهن قدر ڏکيو آهي. جنهن ڪري باغ جي سارسنڀال، گڏ ۽ ڊر ملائڻ ۾ ٻه ڏکيائي ٿئي ٿي. هن طريقي ۾ اهو فائدو آهي جو چوڪنڊي طريقي جي ڀيٽ ۾ 25 سيڪڙو وڌيڪ ٻوٽا لڳائي سگهجن ٿا.

زمين جي تياري:

جيڪڏهن زمين ۾ جهنگ وغيره موجود هجي ته سڀ کان پهرين ان کي صاف ڪجي ۽ زمين کي هڪڙو چيزل هلو (هر) جو هر ڏئي مٿان ٻه ٽي عام هر هڻي زمين تيار ڪجي. چيزل هلو هڻڻ سان زمين جو اندريون

سخت تهه ٽٽي ويندو. جڏهن ته عام هرن سان اهو سخت تهه نٿو ٽٽي. پر جيڪڏهن چيزل هلو نه هجي ته پوءِ پهريان ٻه راڄا هر ضرور ڏيڻ گهرجن.

ان کان علاوه تيار زمين ۾ 50 کان 100 من في ايڪڙ ڳريل سڙيل ڀاڻ وجهي هرن رستي ملائي. ريج ڪجي ۽ وٽ اچڻ تي ڇڪيون لڳائجن. يا وري باغ لڳائڻ کان پهرين اُن زمين ۾ سائي ڀاڻ وارو ڪوئي فصل جهڙوڪ: گوار، برسيم، لوسڻ، جنتر وغيره پوکي گلن تي وڻ کان پهرين هرن ذريعي زمين ۾ ملائي مٿان هلو ريج ڪجي ۽ وٽ اچڻ تي ڇڪيون هڻجن.

کڏا تيار ڪرڻ:

کڏا کوٽڻ لاءِ پهرين زمين تي ڪلن وسيلي نشان ڏجن. پوءِ ان جاءِ تي 2½x, 2½x, 2½x فوٽن جا کڏا کوٽجن. ٻن کان ٽن هفتن تائين کڏا کليا رکيا وڃن. ته جيئن سج جي روشني ۾ نقصان وارا جيت ۽ جراثيم وغيره ختم ٿي وڃن. ان کان پوءِ هر هڪ کڏي کي وڏاڻ جي سڙيل ڳريل ڀاڻ جو هڪ حصو ۽ ٻه حصا کڏي واري مٽي ڀاڻ ۾ ملائي ڀرجي. جيڪڏهن کڏي واري مٽي سٺي نه هجي ته شاخ يا ڀاهه جي لٽ واري مٽي ۾ ڀاڻ ملائي کڏا ڀرجن. تنهن کان پوءِ کڏن کي هڪ يا ٻه پاڻي ڏجن ته جيئن ڀاڻ واري گرمي ختم ٿي وڃي ۽ پاڻي کان پوءِ کڏن واري مٽي زمين جي سطح کان هيٺ ويهي ته ڇڪيون هڻڻ کان پهريان انهن کي ڀرپاسي واري مٽي وسيلي زمين جي برابر هموار ڪيو وڃي.

ڇڪيون لڳائڻ:

ڇڪيون لڳائڻ لاءِ اڳواٽ تيار کڏن تي ٻوٽي جيترو اونهو ۽ ويڪرو کڏو کوٽي اُن ۾ ڇڪيون لاهجن. ڇڪين کي کڏن ۾ لاهڻ کان پهرين ڇڪين مٿان چڙهيل ڳوڻ جا ٽڪرا يا ڪک وغيره ضرور لاهجن.

ٻوٽي جي ڇڪيءَ کي چڱي طرح زمين ۾ ويهارڻ لاءِ هٿن ۽ رنبي جي مدد سان مٽي کي ڇڪيءَ جي پاسن کان دٻائجي. پر اهو خيال ضرور ڪجي ته جيئن ڇڪي ٽٽي نه پوي. ٻوٽي جي ٽڙن تي ٻه مٽي چاڙهجي. ٻوٽي لڳائڻ کان پوءِ هڪدم پاڻي ڏجي. ان کان علاوه باغ لڳائڻ وقت ڳهريل جنس جا صحتمند ٻوٽا لڳايا وڃن. جيڪي ٻوٽا ڪومائجي وڃن يا مري وڃن انهن کي هرگز نه لڳائجي.

پاڻي ڏيڻ:

شروعاتي وقت ۾ گهرج آهر پاڻي ڏيو رهجي. اونهاري ۾ هفتيوار ۽ سياري ۾ ٻن کان ٽن هفتن جي وقفي سان پاڻي ڏجي. گهڻو پاڻي نقصان ڏئي ٿو گلن جهڙڻ مهل پاڻي بند ڪجي پر جيئن ئي ميوو لڳي وڃي ته پاڻي ڏيڻ شروع ڪجي ۽ ڀاڻ ڏيڻ کان پوءِ ضرور پاڻي ڏيڻ گهرجي. پاڻي ڏيڻ مهل خيال رکجي ته جيئن ٻوٽي جي ٽڙ کي سنئون سڌو نه پهچي. ان لاءِ ٻوٽي جي ٽڙ تي ڪوڏر وسيلي مٽي چاڙهجي. ٻاري پوڻ وارن ڏينهن ۾ پاڻي ڏيڻ سان، ٻوٽا گهڻي نقصان کان بچيو وڃن.

ڀاڻ جو استعمال:

ٻوٽن جي سٺي واڌ ويجهه لاءِ ڀاڻ جو استعمال تمام ضروري آهي. پر وڏاڻ جو تازو ڀاڻ هرگز نه ڏيڻ گهرجي. ڇو ته تازي ڀاڻ ڏيڻ سان ٻوٽن جي خوراڪي رسد بند ٿي وڃي ٿي. جنهن ڪري ٻوٽن کي نقصان پهچڻ جو انديشو آهي. ان کان سواءِ اڏوهي لڳڻ جو پڻ خطرو رهي ٿو. جنهن ڪري وڏاڻ جو ڀاڻ هميشه سڙيل ڳريل ڏجي. جيڪو گهٽ ۾ گهٽ هڪ سال پراڻو هجي. ان سان گڏ ڪيميائي ڀاڻ جو پڻ استعمال ڪجي جهڙوڪ نائٽروجن، فاسفورس ۽ پوٽاش وارا ڀاڻ وغيره.

وڏاڻ جو ڀاڻ نومبر – ڊسمبر جي مهيني ۾ ڏجي. جڏهن ته ڪيميائي ڀاڻ اپريل جي مهيني ۾ ڏيڻ گهرجي. ان مان ٻه يوريا جو اڌ وزن اپريل ۾ ۽ باقي رهيل اڌ وزن آگسٽ ۾ (ميوو پچڻ کان پوءِ) ڏجي.

ذڪر ڪيل ڀاڻ ٻوٽي جي چئني طرفن کان، ڪوڏر سان، ٻوٽي جي ٽڙ کان هڪ يا ٻه فوٽ پري، ڇڙڪيو کيري ۾ پڪيڙي زمين ۾ ملائجي. ڀاڻ ڏيڻ کان پوءِ هڪدم پاڻي ڏجي.

ليمي ۾ ڀاڻ ڏيڻ جي ترتيب

وڏاڻ جو ڀاڻ نومبر-ڊسمبر ۽ ڪيميائي ڀاڻ اپريل ۾ في ٻوٽي وڻ جي عمر مطابق ڏجي.

ٻوٽي جي عمر (سالن ۾)	وڏاڻ جو ڀاڻ (ڪلوگرام)	يوريا (گرام)	سنگل سپر فاسفيٽ (گرام)	سلفيٽ آف پوٽاش (گرام)
هڪ	10	100	100	100
ٻه	20	200	200	200
ٽي	30	300	300	300
چار	40	400	400	400

پنج	50	500	500	500
ڇهه	60	600	600	600
ست	70	700	700	700
اٺ	80	800	800	800
نو	90	900	900	900
ڏهه يا ان کان وڌيڪ	100	1000	1000	1000

گندگاهه جو خاتمو:

باغ کي گندگاهه کان صاف رکڻ لاءِ شروع ۾ ڪوڏر، جنجهو يا ڪهاڙي وسيلي گڏ ڪجي، جڏهن وڻ وڏا ٿي وڃن ته وڻن هيٺان ڏڙ وسيلي گندگاهه کي ختم ڪجي ۽ باقي رهيل زمين ۾ هر ڏجن ۽ زمين کي سنوت ۾ رکجي. ائين ڪرڻ سان جيتن ۽ بيمارين کان بچاءُ ٿيندو ۽ گڏوگڏ زمين به نرم ٿي ويندي.

نقصانڪار جيت:

عام طور تي ليمي جي باغن کي هيٺيان جيت نقصان پهچائين ٿا.

1. ليمي جو پوپٽ (Lemon Butter fly)
2. سٽرس سيلا (Citrus psylla)
3. پن ۾ سرنگهه کندڙ ڪيٽون (Leaf Miner)
4. ڪاري مک (Black Fly)
5. منگهڻ (Mealy bug)
6. ميوي جي مک (Fruit Fly)
7. تهه دار جيت (Scales)
8. اڇي مک (White Fly)
9. ٿرپِس (Thrips)
10. جُوَن (Mites)

ليمي جي باغن کي گهڻو نقصان پوپٽ واري ڪيئڙين ۽ سٽرس سيلا جي بالغ (Adult) ۽ ٻچڻ (Nymph) ڪري ٿئي ٿو. ليمي جي پوپٽ وارا ڪيئڙا جهجهي مقدار ۾ پنن کي کائي ختم ڪري ڇڏين ٿا. انهن ڪيئڙن جو رنگ پيلاڻ مائل سائو ٿئي ٿو. هي ڪيئڙا گهڻو ڪري نڪتل پنن کي ترجيح ڏين ٿا. هنن نقصان ڏيندڙ ڪيئڙن مان وڌيڪ نقصان سيپٽمبر مهيني ۾ ٿئي ٿو. جڏهن ته سٽرس سيلا جا بالغ تنتڙي بادامي رنگ جا، پرن وارا جيت ٿين ٿا. هن جا ٻچا پڪڙيل بدن جا جونئن وانگر ۽ نارنگي رنگ جهڙا پيلا ٿين ٿا. جيڪي گهڻو ڪري نون نڪتل پنن ۽ گونچن وچهو گڏ ٿي رهن

ٿا. اهي ٻچا/وڻن لاءِ وڌيڪ نقصانڪار آهن. جو ته اهي تمام گهڻو رس چوسين ٿا. جنهن ڪري نوان پن ۽ گونچ ڪومائجيو وڃن. هن جي وڌيڪ چرپر مارچ ۽ آگسٽ وارن مهينن ۾ ڏٺي وئي آهي. پنن ۾ سرنگهه کندڙ ڪيئڙن جو حملو گهڻو ڪري انب، چيڪو ۽ ڪن ميون وغيره جي ننڍن ٻوٽن ۾ ٿئي ٿو.

سٽرس سيلا، پن ۾ سرنگهه کندڙ ڪيئڙن ۽ تهه دار جيتن تي ضابطي لاءِ هيٺين زرعي دوائن جو استعمال ڪجي.

سٽرس سيلا لاءِ

ڪانفيڊور 200 ايس ايل 75 ملي لٽر في 100 لٽر پاڻي

ليف مائنر لاءِ (سرنگ کندڙ ڪيئڙن) ٽرسٽائيلن 140 اي سي 150 ملي لٽر في 100 لٽر پاڻي

هي دوائون پين نقصان ڏيندڙ جيتن کي به ختم ڪرڻ ۾ مدد ڪن ٿيون. پر اهو بهتر ٿيندو ته مکڙي ۽ گل نڪرڻ دوران، انهن زهريلين دوائن جي ڦوهاري کان پرهيز ڪجي.

تهه دار جيتن لاءِ

لارسبين 40 اي سي 150 ملي لٽر في 100 لٽر پاڻي ۾ يا

ڪيوراڪران 500 اي سي 150 ملي لٽر في 100 لٽر پاڻيءَ ۾

ان کان سواءِ ڪن ميون جي نقصان ڏيندڙ پين پوپٽ وارن جي خاتمي لاءِ هيٺين دوا ڦوهاري ڪرڻ لاءِ تجويز ڪئي وئي آهي.

پوپٽ واري ڪينڻ لاءِ:

ڪراٽي 40 ملي لٽر في 100 لٽر پاڻي ۾.

بيماريون:

سوڪهڙي واري بيماري (Anthracnose)

انبن وانگر ليمن ۾ به هن بيماريءَ سبب ظاهر ٿيندڙ علامتون، وڻن جي چوٽيءَ وارين ٽارين کان ظاهر ٿين ٿيون، هن بيماريءَ سبب پن چوٽيءَ کان هيٺ سڪڻ ۽ پوءِ ڇڻڻ شروع ڪندا آهن.

علاج:

باغ جي صحيح سار سنڀال ڪجي. بيمار ٽاريون ڪپي ساڙي ڇڏجن ۽ ڪٽهن ۾ ڪاپر گروهه جي ڦنگي مار دوا (Fungicide) جو ڦوهارو ڪجي.

ڏڏ واري بيماري (Canker):

هن بيماريءَ سبب پن، ڏانڊيون ۽ ميوو متاثر ٿيندو آهي. سڀ کان پهرين پنن تي داغ ظاهر ٿيندا آهن. جيڪي چوطرف پيلاڻ مائل نظر ايندا آهن. انهن داغن وارا حصا نرم ٿي پوءِ ڦاٽي پوندا آهن ۽ ڏڏ وانگر نظر ايندا آهن.

علاج:

بيماري ورتل ٽاريون ڪپي، ساڙي ڇڏجن ۽ ڪٽهن ۾ ڪاپر گروهه جي موزون ڦنگي مار دوا (Fungicide) سان ڦوهارو ڪجي. باغ جي سٺي سار سنڀال ڪجي ۽ بيمار وڻن مان ٻج يا قلم نه ورتجي.

فصلن جي گڏيل پوک:

باغ ۾ پنجن - ڇهن سالن تائين ربيع ۽ خريف جون ڀاڄيون پوکي سگهجن ٿيون. جنهن سان اضافي آمدني ٿيندي ۽ گندگاهه ۾ به گهٽتائي ايندي. برسيم ۽ لڙي واريون جنسون پوکڻ سان آمدني به وڌندي ۽ زمين جي زرخيزي به بحال ٿيندي. جنهن سان وڻن جون خوراڪي ضرورتون پوريون ٿينديون. ڇهه سال يا ان کان وڌيڪ عمر وارن باغن ۾ ڀاڄيون نه پوکجن. البته برسيم ۽ جنتر پوکي سگهجي ٿو.

ڇانگ:

ٻوٽن لڳائڻ کان پوءِ ان جي وڌندڙ شڪل شبيهه ناهجي. ٻوٽي ۾ ٽڙ جي چوڌاري ٽاريون ۽ پکڙيل هجن. گرم علائقن ۾ ٽاريون زمين کان ۾ تي فوٽ مٿي هئڻ گهرجن. ٽڙ ٽارين ۾ لڪل هجي نه ته گرمي سبب ٽڙ جي کل ڦاٽڻ يا لهڻ جو خدشو آهي. ان ڪري پهرين ٻن ٽن سالن تائين، ترتيب واري ڇانگ سان، وڻ جو ڍانچو ٺاهڻ تي ڌيان ڏجي ۽ ان حساب سان ڇانگ ڪبي رهجي. ڇانگ جو ٻيو مرحلو ڦر ڏيڻ کان پوءِ شروع ٿئي ٿو. ان وقت ڪٽن ميون جي ڇانگ فقط ايتري ٿيڻ گهرجي، جيتن جنوري مهيني ۾ پراڻيون سڪل ٽاريون يا جيڪي ٻاڻ ۾

نڪراٽيون هجن، ڪپي ڇڏجن.

باغ جي سار سنڀال:

باغ اندر ملچ ڪرڻ سان ٻوٽن کي وڌيڪ فائدو ٿئي ٿو ٻوٽن کي پوسل ۽ خوراڪ ٺيڪ نموني سان ملي ٿي ملچ لاءِ جنتر ۽ گوار وارا فصل نهايت موزون آهن. باغ ۾ جيڪي ٻوٽا مري وڃن، انهن جي جاءِ تي خال ۾ ورِي ٻيا ٻوٽا لڳائجن. ٻوٽن تي گرمي ۽ سردي جو اثر تمام جلدي ٿئي ٿو. گرمي کان بچاءُ لاءِ ٻوٽن جي چوڌاري ۾ جنتر پوکجي. ننڍن ٻوٽن کي سيءَ کان بچاءُ لاءِ، اتر واري پاسي کان ڪک ڪانا ڏجن. پاري کان بچاءُ لاءِ باغ کي پاڻي ڏجي يا دونهون ڪجي. تيز هوا کان بچڻ لاءِ باغ جي ٻاهران، هوا جي روڪ وارا وڻ لڳائجن. چوپائي مال جي نقصان کان بچڻ لاءِ پڻ جوڳو بندوبست ڪجي. پکي به باغ ۾ ميوي کي نقصان ڏين ٿا. ان جو به خيال رکڻ کپي. وقت تي پاڻي ۽ پان ڏجي. گندگاهه کي ختم ڪرڻ لاءِ گڏ يا ڏڙيا هرن ڏيڻ جو عمل اهڙي نموني سان ڪجي ته جيئن ٻوٽي جون پاڙون ۽ ٽڙ وغيره زخمي نه ٿين. جيڪڏهن جيتن ۽ بيمارين جو حملو نظر اچي ته ترت ئي انهن جو تدارڪ ڪجي. ميدي ملڻ کان پهرين ٻوٽن جي شڪل شبيهه ٺيڪ ڪجي ۽ ميوي پڇڻ کان پوءِ فقط سڪل، ٽٽل يا بيماري ۾ ورتل ٽارين جي ڇانگ وارو عمل به ڪجي. ٻوٽن جي ٽڙ تي چُن جي پوچي ڪجي ته جيئن جيتن کان بچاءُ ٿئي ۽ ٽڙ تي به سج جي گرمي جو خراب اثر نه پوي. ٻوٽي جي ٽڙ جي پڙ ۾ مٽي چاڙهجي ته جيئن پاڻي سڌو سنئون ٽڙ کي نه رسي.

گل ۽ ميوو:

وڻ جڏهن ڇهن - ستن سالن جو ٿيندو آهي ته گل اچڻ شروع ٿين ٿا. ڪٽي ميوي جي خاندان وارن وڻن ۾ گل فيبروري جي پڇاڙي کان مارچ جي شروع ۾ اچڻ شروع ٿين ٿا. هن خاندان جي وڻن ۾ ڦرڻ لڳڻ ۾ ڪاپ ڏکيائي پيش ڪانه ٿي اچي. گل مڪمل طرح ٿئي ٿو يعني هڪ ئي گل ۾ نر ۽ مادي جزا گڏ ٿين ٿا. لڳ وارو عمل جيتن وسيلي ٿئي ٿو. اپريل تائين ڦر جهلڻ وارو عمل مڪمل ٿيو وڃي ۽ ميوو جولاءِ کان مارڪيٽ ۾ اچڻ شروع ٿيو وڃي.

ميوي پڇڻ لاءِ صلاحون:

ميوو نه ڪچو پڇجي ۽ نه ئي وڌي پڪل ميوي

ڪي وڻ ۾ گهڻي وقت تائين رهڻ ڏنو وڃي. ميوو جڏهن پنهنجي قسم مطابق جسامت ۽ پختگيءَ تي پهچي، رنگ بدلائي، ته اها هن جي پچڻ جي نشاني آهي. جيڪڏهن انهن ميون کي احتياط سان نه پٽيو ته اڇتي هلي اهي ميوا خراب ٿيڻ شروع ڪندا. ان لاءِ ضروري آهي ته ميون کي ڏاڪڻ وسيلي پٽجي. وڻن مان ميوا پٽڻ لاءِ ڪٽنچي جو استعمال ڪجي. ڏانڊي کي ميوي جي برابر ڪپجي، ته جيئن اها پين ميون کي زخمي نه ڪري. ميون کي پٽ تي ڪرڻ کان بچائجي. ان لاءِ پٽڻ کان پوءِ ڪپڙي جي ٿيلهين ۾ ميون کي وجهي هيٺ لاهجي ته جيئن اهي زخمي نه ٿين. ڇو ته ميوي جي زخمي ٿيڻ ڪري ان تي مختلف جراثيم حملو ڪن ٿا ۽ ميوو جلد ڳرڻ شروع ٿي وڃي ٿو. جيڪڏهن ميوي کي پٽڻ کان وٺي مارڪيٽ تائين، هر قسم جي نقصان کان بچايو ويو ته ڪيترن ئي هفتن تائين سٺي حالت ۾ رهندو. ميوي جي درجابندي سان گڏوگڏ ان جي صفائي جو به خيال رکڻ گهرجي. ميوي جا مختلف قسم پاڻ ۾ نه ملائجن. ميون کي ڪٽن/ٽوڪرين/پورين ۾ بند ڪري مارڪيٽ نه اماڻجي. ائين ڪرڻ سان قيمت گهٽ ملندي ۽ ميوو به خراب ٿيندو. ميون کي هميشه ڪاٺ جي ڪوڪن ۾ بند ڪجي. ميون وجهڻ کان پهرين ڪوڪن جي پاسن ۽ تري ۾ ڪاغذ وجهي بند ڪري مارڪيٽ ۾ اماڻجي.

مصنف:-

ڊاڪٽر حاجي اسلام الدين مجيدانو

(ڪميونيڪيشن اسپيشلسٽ ٽنڊوڄام)

مختيار احمد جعفري

(پاڪستان سنڌ ايگريڪلچر ريسرچ انسٽيٽيوٽ ميرپورخاص)

محمد قاسم ميمڻ (اي آر او ٽنڊوڄام)

محمد مٺل جسڪاڻي

(سنڌ زرعي يونيورسٽي ٽنڊوڄام)

مؤلف

شمس الدين ميمڻ

غلام مصطفيٰ ٽانگراج

ابرار احمد مجيدانو